Not for Sale
Record

لائبريري
الحفيظ ذاڪرين تنظيم
ڪوٽڙي (ضلع دادو سنڌ)

# آءُ ڇو مسلمان ٿيس



عبدالواحد شيخ

نالو ڪتاب ......... آءُ ڇو مسلمان ٿيس

مصنف ............ عبدالواحد شيخ

ناشر .............. بيت المڪرم ٽرسٽ گجو

معاون ............. سيد ڪوثر علي

تعداد ...............2000-

ترتيب ............. غلام حسين قمبراني

تاريخ اشاعت .......... فروري ١٩٩١ ع

مشهور آفسٽ پريس ڪراچي




## پيش لفظ

## توحيد

توحيد عقل جي خلاف ناهي، بلڪ عقل ڪان مٿي آهي.

تو دل ميں تو آتا هے، نظر ميں نهيں آتا
ميں جان گيا بس، تيري پهچان يهي هے.

توحيد جي عقيدي ان جي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ انبياءَ اڪرام ايندا رهيا، تانجو پيغمبر آخرالزمان صلي الله عليہ وسلم جن جلوه افروز ٿيا ۽ قرآن پاڪ پيش ڪيائون. جنهن ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

"هي ڪتاب منهنجي طرف ڪان آهي ۽ مان ئي انجو نگهبان آهيان"

۽ هڪ ٻئي هنڌ فرمايائين تہ:

"جيڪڏهن اوهان کي منهنجي ڳالهہ ۾ ڪو شڪ آهي تہ پوءِ من جهڙي ڪا هڪ آيت تہ آڻيو، جي اوهان سچا آهيو."

پوءِ پاڻ فرمايائين تہ: "اوهين هرگز نہ بڻائي سگهندو" جنهن سان اهو طئہ ٿيو تہ هي قرآن "ڪلامہ الاهي" آهي ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ چيل آهي، تنهن تي ايمان آڻي، ان تي عمل پيرا رهڻ اسان مٿي لازم ٿئي ٿو. جڏهن تہ الله پاڪ اهو پڻ فرمائي ٿو تہ :

مون دين اسلام کي ئي پسند ڪيو ۽ ان کي مڪمل ڪيم"

مطلب تہ الله پاڪ دين اسلام عطا فرمائي جڏهن پنهنجي سمورين نعمتن کي پورو ڪيو.

الله پاڪ جا جيترا بہ پيغمبر آيا تن، سڀني سندن احڪامن کي

اسان تاءِ پهچايا. ۽ دنيا و آخرت جي ضرورتن کان نہ رڳو واقف ڪرايو پر الله تعالي جي اطاعت ۽ عبادت ڏاهن راغب پڻ ڪرايو.

جڏهن اڳوڻي رڏڻ مل (هاڻو ڪي عبدالواحد) مون کان اهو سوال ڪيو تہ:

اوهان جي اها دعوي آهي تہ اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي تہ پوءِ ان ۾ هندو ڌرم جو تذڪرو هجڻ گهرجي. منهنجي اقرار تي هن چيو تہ:

پوءِ مان چاهيان ٿو تہ توهان مونکي هندو ڌرم جي عين مطابق تعليم ڏيو تہ جيئن مان ڌرم جي معلومات کان آگاہ ٿي ايشور جو نيڪ ۽ صالح بندو بڻجي وڃان ۽ مون کي اها شڪتي حاصل ٿئي، جيڪا ساڌو ۽ سنت حاصل ڪندا آهن. مون کيس چيو تہ "بيشڪ آءٌ توکي اهاني تعليم ڏيندس جنهن مطابق اوهان جي پيگتن بہ پرچار ڪيو آهي" ۽ مون کيس پڳت ڪبير جي دوهن ذريعي تعليم ڏني، جنهن تي عمل ڪري، الحمد الله هو نيٺ هڪ نيڪ ۽ صالح بندو بڻجي ويو. ان حقيقت بابت اوهان هن ڪتاب مان اميد تہ مستفيض ٿيندو. سڀني هندو دوستن کي منهنجي اها آشا آهي تہ صحيح طور تي پڳتي ڪرڻ سان، ضرور ڀڳوان ملندو ۽ ان سان شڪتي ۽ شانت پڻ ميسر ٿيندي.

جناب عبدالواحد جي لکيل هن ڪتاب ۾ اهي سڀني تفصيل ۽ مشاهده موجود آهن. جن جي بار بار مطالعي سان ضرور فائدو حاصل ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪو بہ ان سلسلي ۾ سوال پڇڻ چاهي تہ هو مون سان هن ايڊريس تي رجوع ڪري سگهي ٿو.

فقط

سيد عبدالحفيظ شاه
بيت المڪرم ٽرسٽ
پوسٽ آفيس گجو ضلع ٺٽہ.



## ڌرم جي ڄاڻ جي شوق جو مختصر بيان-

اي منهنجا پيدا ڪرڻ وارا، منهنجي زبان، منهنجي دماغ، منهنجي هٿ کي طاقت عطا فرمائي ڇو تہ تون سرو شڪتيوان آهين، صحيح سرچ، سمجهہ سان جو ڪجهہ لکيو وڃي، سچ تي مبني هجي. اي ايشور منهنجي ياد ڪيري کي قوت بخش ڪر تہ دماغ ۾ صحيح واقعات اچن.

١٩٤٨ع ۾، آءٌ ڇهن سالن جو هوس. اسان جي گهر ۾ سڀ ڌرمي خيالات جا هنا. گهر ۾ سڄ لٿي کان پوءِ ڪٿا ڪيرتن ڪندا هنا. جڏهن آءٌ اسڪول پڙهڻ لڳس، اتي استاد بہ سٺا مليا. انهي وقت سچائي ۽ شرافت وڌيڪ هني ۽ ماڻهو سادي زندگي بسر ڪندا هنا. پرائمري تعليم ختم ڪري هاءِ اسڪول ۾ آيس. جڏهن سنڌي زبان چڱي طرح پڙهڻ لڳس، تہ ڌرمي پستڪ گهر ۾ پرهندو هوس ۽ گهر وارن کي بہ پڙهي ٻڌائيندو هوس.

ٽنين انگريزي ڪان عربي يا فارسي لازمي هني. مون عربي مضمون منتخب ڪيو هو. عربي پڙهائڻ وارو مولوي محمد صاحب هو. بلڪل نيڪ هو. اسڪول کان سواءِ جيمس آباد شهر جا ماڻهو بہ هن جي عزت ڪندا هنا. عيد جي نماز لاءِ ماڻهو هن کي منتخب ڪندا هنا. مولوي صاحب دينيات بہ پڙهائيندو هو هندو ڇوڪرن جي مرضي هني، ويهي ٻڌن يا هليا وڃن. آءٌ ويٺو رهندو هوس ۽ ٻڌندو رهندو هوس. ان وقت دينيات جو مضمون لازمي نہ هو ان وقت مولوي صاحب دينيات جو پرچو ڪڍيو هو ۽ سڄي اسڪول کي اجازت هني تہ پرچو حل ڪري. مون بہ پرچو وٺي حل ڪيو. مون کي ٽيون نمبر ڏنو ويو ۽ انعام بہ مليو. مون سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم بہ پڙهيو هو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو لکيل هو. پوءِ ڪيترائي سال پڙهائي ۽ نوڪري ۾

مشغول رهيس.

١٩٦٨ع ۾ مسٽر محمد حسين دادو ۾ مون سان گڏ رهڻ لڳو. حيدرآباد ۾ پير محمد شفيع جو مريد ٿيو ۽ ان کي اوراد لا اله الا الله جو مليو. هن ورد کي پڙهڻ جو طريقو هي آهي ته اندر ساهه کڻڻ وقت لا اله ۽ ٻاهر ساهه ڪڍڻ سان گڏ الا الله پڙهڻو آهي. هن جملي جي معني آهي ته نه آهي ڪو معبود، سواءِ الله جي.

منهنجي ذهن ۾ آيو ته گرو نانڪ صاحب ايڪ اونڪار ستنام جي تعليم ڏني آهي. جنهن جي معني آهي ته ايشور هڪ آهي، جنهن جو نالو سچو آهي.

## گرو نانڪ جو سچو منتر هيٺين ريت آهي.

ايڪ اونڪار ستنام، ڪرتا پرک، نر ڀو، نر وير، اڪال مورت، اجوني، سيڀن گر پر ساد، جپ اد سچ، جگاد سچ، هٿ ڀي سچ نانڪ هوسي ڀي سچ .

آءُ ايڪ اونڪار جو منتر اٿندي، وهندي، جاڳندي سمهندي جاري هوندو هو.

مندر جي ٻاري هڪ ڌرمي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو، جنهن ۾ هڪ شعر هو جنهنجي معني آهي ته سچو جسم ته ڌوني صفا ڪيو وڃي ٿو، مگر دل جو هڪ تول جي برابر آهي، ان جي ڪرني صفائي ڪرڻ ٿو ڪري. اهو شعر منهنجي دل کي ڏاڍو سٺو لڳو ۽ دل ڀرجي آئي. مگر مون کي هن جي حقيقت ۽ ماهيت جو پتو ڪو نه هو. ڪتاب ۾ مزيد لکيل هو ته گرو کان سواءِ اڳيان نه آهي. دل ۾ تمنا ٿي ته گرو کي ڪهڙي طرح تلاش ڪريان.

دادو ۾ نوڪري جي دوران، هڪ پيشي واري سان ميل



جول هوندو هو. هو مون کي چوندا هنا ته مسلمان ٿي آءُ جواب ڏيندو هوس ته آءُ ڇا جي ڪري ٿيان. توهان ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي. هنن کي جيڪو ياد هوندو هو، ٻڌائيندا هنا. جواب ۾ چوندو هوس ته جو ڪجهه توهان ٻڌايو ٿا، سي ساڳيون ڳالهيون لڳ ڀڳ اسان جي ڌرم ۾ به آهن. ٻي خاص ڳالهه آهي ته جو توهان چئو ٿا، ان تي پاڻ عمل ته ڪو نٿا ڪريو، پوءِ توهان ٻين کي آماده ڪرڻ لاءِ ڇو ٿا چئو.

مسٽر محمد حسين جو مون سان گڏ رهندو هو، هن جي مرشد سان آءُ دادو ۾ مليو هوس. ذڪر ڪان پوءِ موڪلائڻ وقت پير صاحب سڀني سان ڳلي مليو، آءُ به موڪلايو. ڀاڪر پائي ملياسين ته دل مان الله جو آواز آيو پئي. آءُ متاثر ٿيو هوس. مون دوست کي چيو هو ته تنهنجي پير جو مريد ٿيندس. هن خليفه سان ڳالهايو هن جواب ڏنس ڀهرين مسلمان ٿئي. پوءِ مريد ٿي سگهي ٿو. مون واري دوست منهنجي نالي ٻڌائيس ته مسلمان ٿيڻ کان پوءِ، ڪرني مسلمان هن کي پنهنجي ڌي يا ڀيڻ شادي ڪرائي سگهي ٿو، خليفه جواب ۾ انڪار ڪيس. ١٩٧٢ع مون کي هندو ڌرم کي چڱي طرح پڙهڻ جو شوق جاڳيو. هندو ڌرم ۾ سنڌي ۾ صحيح ۽ اصولن مطابق ٺهيل ڪتابن جي ڪمي آهي. ڪتابن جي تلاش ۾ سرگردان رهيس، پر پوري طرح ڪامياب نه ٿيس. مون انهي شوق کي پوري ڪرڻ لاءِ (بي - اي) ۾ داخلا ورتي ۽ هڪ آپشنل سبجيڪٽ هندو ڌرم جو منتخب ڪيم تاڪ انهي بهاني سان هندو ڌرم جي تعليم وٺي سگهان. پر ڪورس نه ملي سگهيا، تڏهن به ڪجهه علم ۾ اضافو ٿيو، پر آئون به تعليم جي باري ۾ مطمئن نه هيس.

مون گيارس ۽ ستنارائڻ ورت نرجل ۽ نر ڪاڌي به ڪافي رکيا. ورت رکڻ سان جسم ڪمزور ٿيو، پر ڌرم تي هلڻ ۽ پڙهڻ جو شوق وڌيو.

## ڪهت ڪبير ستو ڀائيساتو، ڪهٽ ميز خسم تمهارا

نہ مندر نہ مسجد جائيٽي ري، گهر بيٺهي درشن پائيٽي
جو مورکہ حسنہ سي نہ بولي، ناحق ڀرمہ ڪنوائيي ري.

عمل جو طريقو:- پلٿي ماري، هٿ گوڏن تي رکجن اکيون کن، ۽ منهن بند ڪجن گوڏن کي سڌو ويهاري سامهون ڌيان ڪر، مگر ڪنهن بہ ڏنل شي، ماڻهو يا تصوير جو ڌيان نہ هجي.

خيالات:- خيالات ٻي طرف منتشر ٿيندا، مگر ڪوشش ڪري هڪ جڳهہ تي روڪي ويهارجن. اها مشق جاري رهي، اهو وقت ايندو جو خيالات هڪ جڳهہ تي ايندا ۽ خيالاتن کي پنهنجي مرضي مطابق هڪ مرڪز (جڳهہ) تي ويهاري سگهبا.

## مٿين عمل سان گڏهيئين ڳالهين جو بہ خيال رکجي.

(١) سچ هميشہ ڳالهائجي. (٢) شڌاهار ۽ شڌ وهنوار ڪجي. (٣) ماني پوري کائجي جيڪا سمهڻ کان اڳ ۾ هضمہ ٿي سگهي. گهرج کان گهٽ ماني کائجي. ٻي حالت ۾ سستي ٿيندي. (۴) ننڊ پوري ڪجي گهٽ ۾ گهٽ ٦ ڪلاڪ ۽ وڌ ۾ وڌ ٨ ڪلاڪ، ٻي حالت ۾ لڳاتار عمل نہ ڪري سگهندو، ڏينهن ڪمہ ڪرڻ وقت ننڊ ستائيندي. (٥) عمل ڪرڻ وقت ايڪانت جي جڳهہ هئڻ ضروري آهي. (٦) هن عمل ۾ نيم ضروري هئڻ گهرجي. (٧) ايشور کي پرارٿنا ڪندو رهي انهي لاءِ تہ قبوليت ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ راهہ هموار ٿئي. آءٌ هيئين دعا ڪندو هوس اي ايشور تون منهنجو سوامي آهين ۽ آءِ تنهنجو داس آهيان، مون تي پنهنجو رحمہ ۽ ديا ڪر. منهنجي اوگڻن کي نہ ڏس. آءٌ تنهنجي مايا ۾ گهيريل آهيان. توهان جي ديا ۽ حڪمہ کان سواءِ ڪجهہ نٿو ڪري سگهان اي برهمہ منهنجي واهر ڪر پنهنجي رحمہ جو هٿ



رک ۽ من ڀوساگر مان تار آءٌ پنهنجا وسائل توهان جي حوالي ڪريان ٿو، توهان قبول ڪريو.

## ڌيان ڪرڻ سان، حاصلات ۽ اثرات

ڌيان ڪرڻ سان اٽڪل ٻن مهينن کان پوءِ، هيٺين ريت ڌيان ۾ آيو.

(١) دونهي جا بادل جنهن جو رنگ بتدريج ڳاڙهو، نيرو، آسماني، پيلو، نارنگي، سانو، ڪارو ۽ اڇو، گول دائري جي شڪل ۾ ڌيان ۾ نظر آيا اهي اکين مان نڪرن ٿا يا ٻاهران اچن ٿا. اهو انهد شبد آهي.

(٢) ڌيان ۾ تنهن کان پوءِ نيري، آسماني، پيلي، هلڪو سانو، ڳاڙهي رنگ جا بادل ڦهلجن ٿا. ساڄي کابي ۽ سامهون اکين کان وٿي ڪافي مفاصلي تي هجن ٿا.

حقيقت ۾ مٿين روشني جا تلاءِ هردي اند موجود آهن، ٻين پرهيزن سان گڏ، ڌيان ڪرڻ سان هي تلاءُ پرجي اٿلجن ٿا. ٿجن سان ٻاهر اندرين اکين سان نظر اچن ٿا. اندريون اکيون، تڏهن کلي ٿيون، جڏهن ٻاهريون اکيون، ڪن ۽ منهن ٻاهرين دنيا کان الڳ ٿين ٿيون يعني واسطو غير منقطع ٿئي ٿو، تہ اندريان عجائبات نظر اچن ٿا.

## اثرات

اصولن تي عمل ڪرڻ لاءِ ارادي ۾ يقيني ۽ پختگي آني ۽ مستحڪم رهڻ جو جذبو جاڳيو.

(٢) مون محسوس ڪيو پئي تہ منهنجو من ايشور جي مايا ۾ (دنياوي خالق جي خلقيل شين ڏانهن گهڻو راغب آهي) گهيريل

پيو. ڇوليون ڏسڻ ۾ آيون اچاڻ نظر اچي ٿي واري آهي يا پاڻي واري ڏسڻ ۾ آئي ۽ پريان ڪجين جا وڻ نظر آيا، تنهن ڪان پوءِ وڻن جا ڪارا ٽڙ نظر ۾ آيا.

## خلا ۾ تصور :-

آسمان جو رنگ ڪارو آهي، مگر بعد ۾ آسمان روشن ٿي ويو. ان جون شعائون هيٺ ڪرڻ لڳيون آهن. جتي ميدان آهي. هڪ ديوار نظر آئي، جا تمام ڊگهي آهي. آن جي ڇيڙي جو پٿر ڪونڪر آهي. ديوار تي چڙهي ڏٺم ته ٻي پاسي اونده آهي ۽ ڏسڻ ۾ ڪو ن ٿو اچي.

ٻني ڏينهن ديوار جي هڪڙي پاسي روشني قائم آهي، پر ديوار جي پاسي ايتري هلڪي روشني آهي، جو پتو پوي ٿو ته ڪافي مفاصلي ۾ قبرستاني آهي ان جي ڇيڙي جو پتو ڪو نه ٿو پوي. ڪجھ ڏينهن ساڳي حالت ڏسندو رهيس

انهي ڪي ڇڏي مٿي خلا ۾ ويس، مگر آسمان جو رنگ ڪارو آهي. هيٺيان تارن جا ويڙها هڪ ٻني تي چڙهندا وڃن ٿا. انهن ويڙهن جي مٿان آءٌ وينو آهيان، آخر منهنجو مٿو وڃي لڳو آهي. هڪ ننگو ماڻهو ويڙهن ڪي داهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، مگر پاڻ انهن ويڙهن ۾ ٽنگيو پيو آهي. جتي ديوار هني اتي چبوترو يعني ٢ ديوارن تصور ۾ آيون. اندر مٿان روشني پوي پيني ٿي.

## ڌرم جي تعليم

محدود، عقل وفهم، علم جيڪو مون ڪي منهنجي خالق عطا ڪيو آهي. ان جي مطابق ڌرم جي صحيح اصولن، قانونن جي تلاش ڪني اٿم ۽ هيٺين ريت بيان ڪريان ٿو.



معلوم ٿيو آهي ته اما هر هڪ انسان جي گهر ج وضرورت آهي ته هو ڪوشش ڪري، ڪن اصولن وقانون تي ڪاربند رهي، انهي لاءِ ته هو انهن تي عمل ڪري پنهنجي زندگي ٻنهي جهانن ۾ خوشحال ۽ آرام، سڪون سان گذاري سگهي. اهي اصول چاهي هن جي پنهنجي دماغي ڪاوش جو نتيجو هجن يا ڪنهن پارٽيءَ سان تعلق رکندا هجن يا ڪنهن مذهب وڌرم سان وابست هجن.

هر هڪ انسان جون اهي سموريون گهر جون ڪير پوريون ڪري سگهي ٿو، جنهنجي اصولن تي هلڻ (عمل ڪرڻ) سان هو هلندڙ ۽ ايندڙ زندگي پر سڪون، خوشحال وآرام ده گذاري سگهي (بنير ڪنهن ڪٽڪي، خوف، خطري، غم وفڪر جي گذارڻ)

انهن اصولن جي صحيح هئڻ ڪار آمند هئڻ لاءِ صحيح پيمانو هئڻ ضروري آهي، انهي صحيح پيماني جو دارومدار هيٺين اصولن تي رکيم.

(١) اصول ٺاهي ڏيڻ واري ڪان وڌيڪ علم، عقل وارو نه هجي:- ايشور، الله ڪان وڌيڪ علم وعقل وارو ڪوئي ٻه نه آهي، ڇو ته اهو سڀني مڃين ٿا ته هو عقل ڪل آهي، پنهنجي مخلوق (انسان) ڪي محدود عقل ڏنو اٿس، سڀني ڪي سب علم نه هوندا آهن، هو سرو شڪتيوان قادر مطلق آهي، مگر محدود شڪتي، طاقت پنهنجي مخلوق (اشرف المخللوقات) ڪي ڏني اٿس، تنهن ڪري ان جا موڪليل اصول، قانون حڪمت (داناني) ڪان خالي نه آهن. انسان پنهنجا قانون، اصول الله جي عطا ڪيل عقل، علم ۽ طاقت جي مطابق ٺاهي سگهن ٿا، جيڪي ايشور، الله جي قانون ڪان بهتر ۽ صحيح نه هوندا.

(٢) اصول پهچائڻ واري جي سيرت، ڪردار جوڳو هجي، ان جي شاهدي خود، اصول موڪلڻ واري ڏي. ايشور، الله جا

ڌرمي ڪتاب جن ۾ اوتارن، ڀڳتن جي حياتي جو وستار لکيل آهي. انهن ايشور جي هڪ هئڻ جو ٻڌايو آهي، ٻي سڀ ان جي مايا آهي، يعني سندن خلقيل شيون آهن (انسان ۽ ٻي مخلوق، جانور، پکي، جيت، ٻوٽا، جيوڙا، وڻ، معدنيات جهڙوڪ جيل، ڌاتو وغيره) انهن ايشور جوڻي بيان ڪيو آهي ۽ ان جا گڻ ڳايا آهن، ان هڪ جي سمرڻ ڪيو آهي انهن اهو چيو ني نہ آهي تہ سندن (ايشور) جي خلقيل شي جي پوڄا ڪريو، يا سندن خلقيل پيدا ڪيل شين مان ڪاهيل شي جي پوڄا ۽ سمرڻ ڪريو. آءُ مٿيون ڳالهيون مدنظر رکندي، هننتيجي تي پهتيو آهيان تہ ايشور اهو آهي، ۽ هڪ آهي جو هڪ آهي ۽ ان جي برابر ڪوئي بہ نہ آهي. ان کان سواءِ پوڄا جي لائق ڪوئي بہ نہ آهي. سندس پيدا ڪيل شي، جيڪي ڪائنات ۾ نظر اچي ٿي، ان جي پوڄا ڪرڻ، انسان کي نٿي جڳائي، يا سندس پيدا ڪيل شين (مايا) مان ڪا پنهنجي خيال مطابق ڪاهي ان جي پوڄا ڪرڻ يا ان سان ڪا اميد ڪريون، سا بہ عقل نٿو تسليم ڪري. ايشور اهو آهي، جو ڄهڻ مرڻ جي چڪر کان آزاد آهي. هو هميشہ کان وٽي هو، آهي ۽ رهندو. هو پنهنجو پاڻ پرڪاشوان آهي. سڀ گنتيون ان سان تعلق رکن ٿيون. اهڙي ايشور جا موڪليل اصول وقانون صحيح ٿي سگهن ٿا.

باقي اوتارن کي ڀڳوان، ايشور جو درجو ڏنو ويو آهي سو صحيح نہ آهي ۽ نہ چئي سگهجي ٿو. آريہ سماج جو ويدن جي اصولن تي هلندڙ آهن، انهن جو بہ اهو چوڻ آهي تہ اوتار ڀڳوان نہ آهن. جيسين الله جو موڪليل پيغام دنيا ۾ حيات آهي، اهو پيغام ٻين کي موڪليندو ۽ ڏيندو رهي ٿو. ان جي وڃڻ کان پوءِ، اوتار، ولي، درويش انهن ساڳي پيغمبر جا ٻڌايل اصول وقانون کي پاڻ بہ عمل ڪن ٿا ۽ ٻين انسان ذات کي بہ عمل



ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا (ڪتابن جي ذريعي ۽ زباني ٻڌائيندا رهن ٿا)

انهن اوتارن، ولين، درويشن کي ڪابہ وحي الله جي طرفان ڪانہ ايندي آهي، جو اهي ڪتابي صورت ۾ آندا وڃن. اگر اوتار، ولي يا درويش پنهنجي دماغي ڪاوش سان ڪوئي بہ اصول وقانون زباني ٻڌائيندا، جو الله جي قانون جي مخالف هجن ۽ انهن اصولن، قانون کي ڪتابي صورت وٺائيندا تہ اهي اصول نہ مڃڻ گهرجن ۽ نکو انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

اوتار يا ولي پنهنجي پيغمبر جي اصولن کي وقت جي ٻولي ۾ کولي سمجهائي (انهام وتفهيم) ڪري سگهن ٿا، بشرطيڪ انهن اصولن وقانونن جي معني ۽ اصلي مقصد ومطلب ڦرڻ نہ گهرجي، جنين هجي تنهن موجب سمجهائي ڏيڻ گهرجي. پيغمبر (ايشور الله جو نياپو آڻيندڙ قاصد) پيغمبر، الله جا قاصد آهن. هو الله جي طرف کان مليل اصول، قانون، اشرف المخلوقات کي بغير ڪنهن ڦير گهير جي پهچائيندا آهن. ٻين سڀني قومن وقبيلن ۾ پيغمبر آيا آهن، پر سناتن ڌرم (هندو ڌرم) ۾ اوتار آيا آهن، پيغمبر هئڻ جون جيڪي صفتون هيٺين ريت ڏنيون ويون آهن سي اوتارن جون ڪونہ بيان ڪيون ويون آهن.

(١) نبي وپيغمبر جو لقب الله تعالي جي طرفان عطا ڪيو وڃي ٿو. (٢) نبي، پيغمبر امي (اڻ پڙهيل) هجي ٿو. (٣) حضرت جبريل عليہ وسلام، الله جو خاص فرشتو الله جا اصول وقانون پيغمبر وٽ پهچائي ٿو، يا نبي وپيغمبر کي روح جي ذريعي پيغام پهچائي ٿو. انهي ٻنهي حالتن کي وحي چئجي ٿو، مطلب تہ وحي رستي پيغام اچن ٿا، جن کي اصول وقانون چون ٿا. (٤) اهي وحيون گڏجي هڪ ڪتاب جي صورت وٺن ٿيون. پوءِ ان جو نالو الله تعالي پاڻ رکي ٿو. (٥) اهو ڪتاب الله جي بدن لاءِ هدايت جو ذريعو ٿئي ٿو.

عمل ڪرڻ گهرجيس.

(١) بهر حال اهو ٿي سگهجي ٿو ته اڳئين اصولن وقانون سان تعلق رکندڙ قوم، پنهنجي ڪتابن ۾ لکيل اصلي اصولن ۽ قانونن تي صحيح عمل ڪري، مطالب ته من ( نفس ) کي ابياس ڪرائي، عادي ڪري، ايستائين جو آتما سان لاڳاپو ٿئي. پوءِ ايشور کي صحيح اصولن ۽ قانونن تي عملِ ڪرڻ لاءِ محسوس ڪرائيدو مطلب ته ان کي ٻڌ ( سمجهه ۽ فهم ) عطا ڪندو، ته سچ ۽ ڪوڙ جي شناخت ڪري سگهندو. اهي انسان جي حجت پوري ٿيندي، ڇو جو خالق انسان جي حجت پوري ڪري ٿو. جيئن هو اڳتي هلي بهانو وعدد نه ڏيني سگهي.

(٢) سچي تمنا سان انسان پنهنجي خالقن (ايشور) کي پرارٿنا ڪري ته مون کي صحيح سچو ڌرم، مذهب جي اصولن وقانن تي هلڻ جي توفيق ڏي (طاقت) سمجهه وفهم ڏي، علم ڏي ته ان تي عمل ڪري تنهنجي رضا مندي حاصل ڪريان. جنهن انسان تي الله تعالي ڪرم ۽ فضل ڪندو، ان کي عقل وفهم، علم عطا ڪندو ۽ طاقت بخشيندس ته هو سچي دين (ڌرم مذهب) تي عمل ڪرڻ شروع ڪندو. ڪوشش ڪرڻ انسان جو فرض آهي توفيق ڏيڻ الله جي وس آهي.

## دين اسلام اختيار ڪرڻ جو فيصلو

جڏهن مون دين اسلام جي عبادتن، مجاهدات، رياضت ڪرڻ کان پوءِ ان جي نتيجو (ڦل) آتما جي شانتي جي صورت ۾ نڪتو. اهي منهنجي لاءِ سڪون جو باعث ٿيون. هندو ڌرم جو جيڪي پوجائون ( عبادتون ) سي به مون ڪيون. ٻنهي جو مقابلو ڪيو ته دين اسلام جون عبادتون هر لحاظ سان شانت ( سڪون ) جو سبب ٿيون. ظاهر آهي. ته هر ماڻهو سنائي طرف



وڃي ٿو. مان به وڌيس ۽ مون کي خوشي آهي ته جو ڪوئي الله تعالي ۽ رسولالله صلي الله عليه وسلم جي فرمانبرداري، هن جا ٻڌايل طريقن مطابق عمل ڪندو، ان انسان کي دين ۽دنيا ٻنهي ۾ شانت (سڪون) ميسر ٿيندو.

سائين عبدالحفيظ شاه صاحب ايمان جي تعريف هن ريت ڪئي آهي ته اها شي جيڪا اسان کان غائب آهي. ۽ اسان جي ادارڪ ۽ فهم ۾ نه اچي ، اسين ان تي پورو پورو ايمان رکون. ( ايمان مجمل يا تصيدق ڪرڻ) ايمان مفصل امون ايمان آندو الله تي، ۽ هن جي فرشتن تي، ان جي ڪتابن تي ان جي رسولن تي قيامت جي ڏينهن تي ۽ سٺي يا خراب تقدير تي جو الله تي جي طرف کان آهي، ۽ زندگي بعد از موت تي"

ترجمو ايمان مجمل :- مان ايمان اندو الله تي جيئن هو پنهنجي نالن ۽ پنهنجي صفتن سان ڪڏ آهي ۽ مون ان جي سڀني حڪمن کي قبول ڪيو، زبان سان اقرار آهي ۽ دل سان يقين آهي . لاالاالله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ايمان آڻڻ کان پوءِ، ايمان آڻيدڙ جو فرض آهي ته دين اسلام جي سڀني اصولن کي مڃي ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ پاڻ تي لازم فرض سمجهي پاڻ کي آماده ڪري جيئن واعدو ڪيوائس يعني دل سان تسليم بليقين ۽ زبان سان اقرار ڪرڻ شروع ڪرڻ گهرجيس. هينين طرح عمل ڪرڻ گهرجيس پر جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي. (قرآن)

عمل صلح :- الله جل جلاله جا اهي حڪم جن تي قرآن شريف ۾ حڪم ڪيو ويو آهي امر اللهي ) جو اخري نبي رسول الله ﷺ جي معرفت بندن تاءِ پهتا آهن. انهن حڪمن تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ان کي عمل صالح چيو ويندو. جيترو سچي نيت سان عمل ڪبو، اوترو ثواب ۾ اضافو ٿيندو ۽ سڪون ميسر ٿيندو ۽ فرمانبرداري طرف راغب ٿيندو ويندو.

CamScanner

## بسم الله الرحمان الرحيم

## جسم جي بقا لاءِ جستجو ۽ روح کان غفلت

الله جل جلاله انسان کي خلقي سندس جسم ۾ روح و جهي، هن بي بقا دنيا جون سڀئي شيون هنن جي حوالي ڪيون آهن. مٿن اهو فرض عائد ڪيو آهي. ته جسم ۽ روح کي سندن صحيح سنڀال ڪن، جيئن هنن پنهنجو فرض ادا ڪري سگهن، جنهن لاءِ انهن کي پيدا ڪيو ويو آهي. اهو انسان جو فرض آهي. ته عقل جي فهم ۽ سمجھ جيذريعي ڪوشش ڪري علم حاصل ڪري (انهي لاءِ ته سچ ۽ ڪوڙ جو فرق معلوم ڪري سگهي. ۽ ترتيب تي عقل کان عمل ڪرائي سگهي، علم عقل کي ادارڪ ڪرائي ٿو. اهو ادارڪ جسم جي گيان اندرين (حواسہ خمسہ) جي ذريعي ٿئي ٿو. علم جي مدد سان عقل جسم جي عضون کان صلاحيت محسوس ڪرائي طاقت استعمال ڪرائي ٿو. انسان کي گهرجي ته جسم ۽ روح جي فرض بابت ۽ صلاحيت بابت علم حاصل ڪري، ان مطابق ڄاڻ حاصل ڪري ان مطابق عمل ڪري ، جنهن مقصد لاءِ کين هن دنيا ۾ پيدا ڪيو آهي. پر انسان انهن (جسم ۽ روح) کي پنهنجي مرضي و خواهش مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انسان تي چڱي طرح نظر وجهنداسين ، ڀڌانداسين ۽ محسوس ڪنداسن يا سستي ڪاهلي جي سبب غافل ٿيو سمهيا پيا. هوندا آهن. ڏسون ته انهي خيال مطابق نتيجو هيٺين ريت ظاهر ٿيو آهي. ته ڪهڙي قدر انسان انهي خيال ۾ محو و غرق آهي. ته (١) ڪهڙي ۾ ڪهڙي دولت حاصل ڪري، معيار زندگي بلند کان بلند تر ٿئي (٢) موجوده معاشري، سماج ۾ وڏ ۾ وڏ تعريف بلند ٿئي، سڄو وقت ڪل خوشي، ميل جول قائم رهي جو وقت گذرڻ جو پتو



ئي نہ پوي، ايتري قدر دنيا جي مختلف شين ( مشغلن ) ( موسيقي ، فلم بيني ، نشي وارين شين ) ۾ غرق هجون جو غم جو هڪ لمحو نزديڪ محسوس نہ ٿئي. اهڙي ماحول ، سمي ۽ مشغلي کي انسان عزت جو باعث ۽ جسم ۽ روحلاءِ سڪون ، آرام جو وسيلو سمجهن ٿا.

هن جو مثال اهڙي ماڻهو جو آهي. جيئن ڪاٺي ۾ اندران اڏوهي لڳي ٿي، پر ظاهر ٻاهران ڪاٺي صحيح سلامت ۽ مضبوط نظر اچي ٿي. جڏهن اڏوهي ڪاٺ جي اندرين حصي ۾ پوريءَ طرح ڪاٺي سنها سنها ٽنگ ڪيو ڇڏي ٿي، تڏهن ڪاٺي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري پوي ٿي، ساڳيءَ طرح انسان بہ بد عملن جي ڪري، انهي ڪاٺ وانگر آهي. جنهن کي اڏوهي وانگر بد اعمال اندران ئي اندران سندن عضوا ڪاڄندا ۽ ختم ٿيندا وڃن ٿا. جڏهن پوري طرح عضوا ٽڪجي پوري طرح ناڪارا ٿي وڃن ٿا. انسان بہ اڏوهي کاڌل ڪاٺي وانگر ڪري پوندو ۽ سندس انت ايندو. هاڻي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته بد اعمال ڇا آهن. ۽ نيڪ اعمال ڇا آهن. نيڪ ۽ بد اعمال جي تعريف اها آهي. ته جنهن خالق ٺاهيو آهي، سو ٻڌائي ٿو ته اهو توهان ڪريو ۽ اهو نہ ڪريو يعني امر بالمعروف نهي عن المنڪر.

دولت حاصل ڪرڻ لاءِ انسان پنهنجي جسم جي ٻاهرين هر عضوي جي صلاحيت ۽ طاقت ۽ اندرين لڪل عضون جي صلاحيت و طاقتن کي حد کان وڌيڪ استعمال ڪن ٿا. ايتري قدر انهن کي ڪثرت سان ڪتب آڻين ٿا، جو ٻاهرين حصو ڪمزور ٿئي ٿو انهي لاءِ ته سدس ضروري ڪارآمد جزا ضايع ٿين ٿا ۽ نون جزن ٺاهڻ لاءِ مقرر ۽ مقوي غزا انهن جي ضرورت مطابق نٿي ملي. نتيجن بيمار ٿئي ٿو. انهن جزن کي مرمت ڪرڻ لاءِ علاجي ڪرايو وڃي ٿو، مگر قدرتي غذا انهي وزن مطابق نٿي ملي، بسبب ڪجھ قدر مرض کي نہ سمجهڻ ۽ مرض مطابق

دوائون نہ استعمال ڪرڻ . اندرين طاقتن جي ضايع ٿيڻ جي نتيجي ۾ ، انهن ڪي نئين سر طاقتن جي صلاحيتن ڪي آڻڻ لاءِ ، نہ ئي صحيح علاج ڪرڻ لاءِ علم اٿن ، نہ ئي علاج طرف توجہ ڏين ٿا.

هاڻي ڏسڻو آهي تہ انسان دولت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا ۽ ترڪيبون وتدبيرون ۽ علم وجاڻ استعمال ڪري ٿو. جيتري قدر الله تعالي توفيق ڏيني رهيو آهي، اوترو بيان ڪري رهيو آهيان. والله واسع عليم.

## علم جي ذريعي

عام انسانن جي علم حاصل ڪرڻ جو مقصد آهي. ٻي علم ( ڄاڻ ) جو حاصل ڪرڻ ، علم جي ذريعي دولت حاصل ڪرڻ يا پنهنجي مشهوري ۽ ڏاهپ جو ظاهر ڪرڻ، ڪن ٿورن انسانن الله تعالي جي رضا واسطي علم حاصل ڪيو آهي ۽ ڪري رهيا آهن. اهڙا ماڻهو علم جي نعمت الله جي طرفان سمجهندا آهن. انسان دماغ جي صفتن مثلا عقل، سمجھ وفهم جو حواس خمسہ جي ادارڪ جي ذريعي معلوم ڪري، ان جي مدد سان، جڏهن کان انسان پيدائيا آهن، پنهنجي شوق، تمنا مطابق علم ( علوم ) حاصل ڪري رهيا آهن، اها سندن خواهش اٿن تہ ٻي کان وڌيڪ علم حاصل ڪريون اگر اڻين نٿي سگهي تہ ٻين جيترو تہ ضرور حا صل ڪريون، علم وارن کي استاد، داناءَ فيلسوفي، دانشور، سائنسدان، انجنيئر، ڊاڪٽر، ٻين علمن جا ماهر پي-ايچ-ڊي ( ڊاڪٽر ) وغيره سڏين ٿا. جن گهڻي ۾ گهڻو وقت صرف ڪري مرڻ گهڙيءَ تائين وڌ ۾ وڌ علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن علمن جي حد معلوم ڪري نہ سگهيا آهن. جيئن زمانو گذرندو وڃي ٿو، تيئن نون



علمن جو انڪشاف ٿي رهيو آهي. ۽ ڊاڪٽر ( پي-ايچ-ڊي ) وارن جو تعداد وڌندو وڃي ٿو. انهي مان ثابت آهي تہ علم المحدود آهي. ۽ چٽي سگهجي ٿو تہ ڪنهن بہ انسان ۾ ايترو عقل نہ آهي جو علم جي حد ھڏائي سگهي، يا سڀ علم حاصل ڪري سگهي. اهي علم وارا سمجهندا آهن. تہ اهو علم اسان پنهنجي ڪوشش ۽ محنت سان حاصل ڪيو آهي. ۽ اهو اسان جو حق هو. اسانِ علم حاصل ڪرڻ تي خرچ ڪديو آهي سو اهي پئسا بہ ڪمائيداسين ۽ پنهنجي زندگي بہ عيش سان گذاريندااسين. اهو بہ اسين جو حق آهي. علم حاصل ڪيل سائنسدان جي تمنا ٿئي ٿي تہ ماڻهو اسان جي عزت ، احترام ڪن ۽ اسان جي لکني ۽ چوڻ جي تابعداري ڪن.

## سائنسدان

مختلف شعبن جا سائنسدان موجود مادي مان پنهنجي پسند ۽ ڪمال ڏيکاڻ لاءِ نيون نيون شيون ٺاهڻ ۾ رات ڏينهن لڳا پيا آهن. جيئن پنهنجي ملڪ ۾ سندن مان مرتبي بلند ٿئي. انهن پنهنجو جسم، دماغ ، روح هر وقت انهن شين طرف متوجہ ڪري ڇڏيو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ سهڻي ۽ بهتر شي کي نئين شڪل ڏيني سگهون. مطلب تہ سندن ايجادن ۽ کوجنا کي جلد آخري شڪل ڏيڻ لاءِ هر وقت متحرڪ رهن ٿا. هو جسم ۽ روح جي گهربل آرام وسڪون ڏيڻ طرف گهٽ راغب آهن. تنهن هوندي بہ انهن جو ارادو هوندو آهي تہ هو ٻين جي لاءِ آرام ۽ فرحت جو سامان مهيا ڪري رهيا آهن. هو مطمئن ۽ سڪون واري زندگي گذارڻ جا خواهشمند هوندا آهن، پر مشغوليت جي ڪري اها سندن تمنا پوري نہ ٿيندي آهي.

دنيا جا ڪيترائي سائنسدان ، شيون ٺاهيندي انهن بابت

CamScanner

سمجهان ٿو ته صحيح معني ۾ حضرت عيسي عليہ وسلام تي هينئر ايمان آندو اٿس. بمقابل هن دور جو جڏهن آءٌ نالي عيسائي هوس.

## مختصر اسلام جي جن تعليماتن مون کي پنهنجو اسير گرويده بنايو، سي هيٺيون آهن.

(١) اسلام ، عيسائين جي مقابلي ۾ وڌيڪ عقلي، عملي ، قابل فهم، منطقي ۽ سادو مذهب آهي. (٢) اسلامي عبادتون الله سان سڌو سنئو تعلق جوڙين ٿيون. (٣)اسلام ۾ الله جو تصور بلڪل وڏي وقار ۽ شان سان آهي. (۴) اسلامي عبادتن ۾ زندگي جي تڪميل جو احساس ٿئي ٿو.

محمد سليمان تا ڪنجي (جاپان) ، الله جي فضل سان دين اسلام قبول ڪيو، هن ٻڌايو ته سندن اسلام قبول ڪرڻ جا هيٺيان سبب آهن جو ڪتاب ' هم ڪيو مسلمان هوئي ' ۾ ڇپيل آهي. (١) اسلام انساني زندگيءَ ۾ ماديت ۽ روحانيت جو خوبصورت امتياز پيش ڪري ٿو. (٢) مون اسلام ۾ اخوت جو اهڙو نظام ڏٺو آهي جو مستحڪم بنيادن تي دارو مدار رکي ٿو. (٣) اسلام زندگي جي مسئلن جو وڏو ڪامياب عملي مظاهرو ، پيش ڪري ٿو، هي عبادتن کي انسان جي سماجي زندگيءَ کان جدا نٿو ڪري. پر مسلمان ته ڪڏيل عبادتن جو تصور رکي ٿو (يعني نمازون باجماعت پڙهڻ) ۽ خلق خدا جي خدمت الله تعالي جي رضا سمجهي ڪري ٿو. هتي مضمون جي مطابق ، پهرين زندگي ۾ ماديت ۽ روحانيت بابت وضاحت ڪئي وڃي ٿي.

حيات انساني روح ۽ مادي جو مجموعو آهي. خلق اڪبر اسان کي جسم بہ ڏنو آهي ۽ روح بہ انهي لاءِ اسان جو فرض آهي ته اسان انهي ٻنهين جي فرضن کي انهي مطابق عمل ڪريون ۽ ماديت ۽ روحانيت جي وچ ۾ جدائي جو سبب نہ بڻجو اسلام



هن معاملي ۾ نهايت معقول رويہ اختيار ڪري ٿو ۽ روح ۽ مادي ٻنهي جي اهميت کي هڪ جهڙو تسليم ڪري ٿو. ٻنهي کي ان جي اصل مقام تي رکندي، هو اهڙي حڪمت عملي، اختيار ڪري ٿو جو زندگيءَ جي سڀني تقاضن کي ڀرپور قوت ملي ٿي. يعني محيط ٿئي ٿو.

## هن جاپاني ماڻهن ، جن جو لاڙو ماديت طرف آهي تن جي مشغليت بابت هيٺين ريت لکي ٿو.

جاپان صنعتي اعتبار سان ايشيا جو سڀ کان ترقي يا فتہ ملڪ آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالو جي بي پناه ترقي ۽ ان جي اثراتن جي ڪري انهن جي معاشري کي بلڪل بدلائي ڇڏيو آهي ۽ مادي نقط نظر هر ڳالهہ يض حاوي آهي، ڇو جو اتي قدرتي وسائن جي ڪمي آهي، انهي لاءِ ته سڄو دارو مدار صنعتن تي آهي.انهن جي ماڻهن کي معيار زندگي برقارار رکڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪرڻي پوي ٿي ۽ صرف اهو هڪ ذريعو آهي. جنهن جي سبب انهن جي تجارت و صنتن زنده رهي سگهي ٿي. مطلب ته اهڙي مادي دوڙ ۾ مصروف آهن ، جتي روحانيت جو پري پري تائين ڪٿي پتو ڪو نہ ٿو ملي: جا پانين جي سڄي ڪوشش دنياوي فائدي لاءِ آهي.

انهن کي طبيحاتي مسائل کي سوچڻ جو وقت ناهي. انهن جو نہ ڪوئي مذهب آهي. نہ روحاني معيار يورپ جي تصورن جي نقش قدم تي هلي رهيا آهن. هي سڄو هڪ طرف هلڻ جو نتيجو آهي ته روحاني طور تي جاپان زبردست افلاس جو شڪار ٿيندو وڃي ٿو ۽ خوبصور لباس ۾ ملبوس انهن جي صحتمدن جسمن جي اندر بيماري ۽ مايوس روح روئي رهيو آهي.

خالد لطيف ڪابا (هندوستان) وڪيل لاهور رائي ڪورٽ ۾

کتري برهمڻ ٿي نٿو سگهي . ها سياسي غرض لاءِ شودر کي ڪجهه ظاهرداري جو سهارو ملي وڃي ته اها جدا ڳالهه آهي. يا مهاتماگانڌي کي خود ڪشي کان بچائڻ لاءِ هنن کي وقتي طور پيار ڏنو وڃي ٿو، مگر شودر ڪڏهن به هندو جي سماجي زندگي ۾ برابر جو شريڪ نٿو ٿي سگهي. ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي. شڌي وڃي يا ڪجهه ٻي رڪاوٽ اڇوتن کي ڇوت ٺاهڻ جي رستي ۾ هي آهي ته هڪ انسان جو ٻي انسان کي شڌ يا پوتر يعني پاڪيزه (پوترا) ٺاهڻ جو عمل ڪڏهن به مقبوليت حاصل نٿو ڪري سگهي. هن جو خيال به دانش جي توهين آهي. مذهب جي تبديلي الله تعالي ۽ بندي جو پنهنجو معاملو آهي ڇا هي محض جسارت (همت، جرت) ناهي ته هڪ انسان پاڻ جهڙي ٻي انسان کي شڌ يعني پاڪ بڻائڻ جي صلاحيت رکڻ جو دعويدار هجي. دل کي پاڪيزه ٺاهڻ وارو پهرين پنهنجي پاڪيزگي جو ثبوت ته فراهم ڪن. ان جي بر عڪس اسلام ۾ محض اعلان اسلام سان برابر جا حق ملي وڃن ٿا. هتي پاڪيزگي يا ناپاڪي جو سوال نٿو اٿي. هنن حالتن ۾ اڇوتن کي منهنجو پيغام هي آهي ته هو ٻي تدبيرون ڇڏي ڏين ۽ اسلام جي طرف متوجه ٿين. هو هتي جنهن کي چاهين ڇهن جنهن وٽ چاهي اٿي ويهن. نماز ۾ مقتدي ٿين ۽ امام ڪنهن تي ڪوئي اعتراض ناهي. سٺو اهوئي آهي جو متقي آهي جو پنهنجا فرائض کي سٺي طرح سرانجام ڏي ٿو. ان اکر مکم عندالله اتقا کم .

منهنجي آخري ۽ چوٿين وجه ترجيح هي آهي ته اسلام دور حاضر جي ضرورتن جي عين مطابق آهي. هن عهد جي مشڪلاتن جو حل ڪنهن ٻي مذهب وٽ نه آهي. اڄ دنيا اخوت ۽ مساوات چاهي ٿي ۽ اسلام کان سواءِ هي نعمتون ڪٿي آهن. اسلام جو معيار فضيلتن تقوا آهي ۽ ٻيو ڪجهه به نه آهي. سٺو اهو شخص آهي جنهن جا اعمال سڀ کان سٺا هجن . اڄ دنيا ۾ حقن جي



پڪار آهي. شادي جا رشتا نااستوار ٿي رهي آهن. اسلام عورت جي آزادي ۽ حقوق ڏياري ٿو ۽ عورت جا ازدواجي تعلق کي عاقل جي معاهدي تي قائم رکي ٿي. اسلامي قانون انسانن لاءِ ٺاهيا ويا آهن فرشتن جي لاءِ نه انهن فطري قانونن جو نتيجو آهي ته اسلامي معارشري ۾ هنگاما پروري، تماشاڪاري، سازباز ، زنا ۽ ڪنواري مائٽڻ جهڙا مسئلا مقصود (ناهن) آهن. دنيا جي ڪوئي طاقت اهڙي نه آهي جو اسلام وانگر دنيا جي قومن جي اقتصادي ۽ اخلاقي مسئلن جو تسلي بخش حل پيش ڪري سگهي، ڳابا صاحب ٢ نومبر ١٩٨١ جو بمبئي ۾ وفات ڪئي .

خالد لطيف ڳابا جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ آزمائش دوران هيٺين ريت حضور صلي الله عليہ وسلم سندن مدد ڪئي .

پنجاب هاءِ ڪورٽ جو انگريز چيف جسٽس سرجان ڊگلس ينگا انهن جو دشمن ٿي پيو. نهايت ڪميني پڻ جا حربا استعمال ڪري، انهن جي سڄي جائداد ضبط ڪئي ۽ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان باربار خالد لطيف ڳابا ۽ سندس والد کي جيل اماڻيو ٿي ويو. ڊسٽرڪٽ ايڊيشن جج لاهور، خالد ڳابا صاحب کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ لاءِ ڏيڍ لک روپين جي ذر ضمانت جي طور طلب ڪئي ويئي. روزنامہ زميندار ۽ احسان مسلمانن کي بار بار اپيل جي رقم جو انتظام ڪري بي گناهه نو مسلم کي قيد مان رهائي ڏني وڃي ، مگر پوري هندوستان ۾ هڪ مسلمان به ايتري وڏي رقم جمع نه ڪرائي سگهيو.

انهي دوران سيالڪوٽ جي هڪ ٺيڪيدار الحاج ملڪ سردار علي کي نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن خواب ۾ تشريف آڻي هدايت فرمائي ته لاهور ۾ هڪ نومسلم خالد لطيف ڳابا قيد ۾ پيل آهي . هن اسان جي باري ۾ هڪ ڪتاب لکي آهي پر انٽ آف دي ڊيزرٽ ( پيغمبر صحرا) جو مون کي ڏاڍي پسند آهي. هن لاءِ تون ڏيڍ لک روپين جو انتظام ڪري لاهور وڃي هن کي ضمانت تي رها ڪراءِ. حضور ختم الرسول صلي

من جو بد اخلاق ڇنڇن ٿا. انهن بداخلاق جو احساس ٿئي ٿو.
روح، آتما ان جذباتن جي احساس کي شدت سان محسوس
ڪري ٿو. انسان انهن احساس کي دنيا ۾ مشغلي سبب ۽ ماحول
جي دٻ کان انهن کي اهميت ڪونہ ٿا ڏين. بهر حال نتيجي طور
هيٺين حالتون جذباتن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿيون.

رهڻ لاءِ سندس خواهش مطابق جڳهہ هوندي بہ ڪجهہ
وقت کان پوءِ ان کي ناپسند ڪرڻ ۽ بيزاري محسوس ڪرڻ ۽
ٻي نئين ماڊل جي ڪشاده بنگلي وٺڻ جي خواهش تمنا شدت
سان محسوس ڪني وڃي ٿي. وقت جي تقاضا مطابق سندن
پسندي جا سبيل ڪپڙا ڪافي انداز ۾ موجود هوندي بہ ، هنن
ڪٽي نئين ڊزائين ۾ نئون ڪپڙو ڏٺائون ، حالانڪ ضرورت نہ
آهي، خريد ڪندا ۽ ان وقت جي رواج مطابق ڪپڙو سبايو
وڃي ٿو.

کاڌ خوراڪ جي مسئلي ۾ هينئن چوڻ درست آهي تہ هر
روز نئين ڊش مختلف نموني سان گهڻن قسمن ۾ موجود هجي
پر تڏهن بہ نئين کاڌي جي اهي شيون انسان هضم ڪري سگهي
يا نہ، پر گهرج کان وڌيڪ کائڻ جي ڪوشس ڪندا پوءِ تہ ٻلي
بيمار ٿين، ڪن کي تہ گهر جو کاڌو بہ مشڪل نصيب ٿيندو
آهي.

انسان هر وقت دولت جي گهڻائي جي حرص جي سبب
گهڻي ۾ گهڻو نفعي جو خواهشمند آهي، پر سندن جو نقصان
ٿئي ٿو، ان جو پتو ڪيڻ جو خيال نٿا ڪن. دنوي نقصان
سبب برداشت جي قوت جي ڪمي هنڻ ڪري هارٽ فيل، خود
ڪشي جا واقعات ٿين ٿا. گهڻي نفعي جي حالت ۾ ڪثرت ڏن
هنڻ ڪري، وڌيڪ ڏن دولت وڌائڻ جي حرص ٿئي ٿي. انهي
لالچ جي جذبي تحت غير قانوني ۽ غير اسلامي فعل ڪرڻ لاءِ
تيار ٿين ٿا.



دنيا جي ڪثرت، گهڻائي کي ، انسان عزت جو سبب
سمجهي ٿو، تنهن ڪري هو سوسائٽي، معاشري ۽ سماج کان
عزت، احترام ڪرائڻ جو خواهشمند ٿئي ٿو. پر ٻيا دولت وارا
ماڻهو سندن عيب ڳولهڻ ۽ ڪيس هيٺ ڪرڻ لاءِ خواهشمند هوندا
آهن، جيئن هنن جي عزت وڌ ۾ وڌ ٿيڻ گهرجي. مطلب تہ هر
هڪ دولتمند سندس عزت چاهيندو آهي ، پر ٻي جي عزت
۽ احترام وڃائڻ ڄي ڪوشش ۾ هوندو آهي.

کي انسان دولت کان محروم دولت وارن کي ڏسي، حسد
جي ڪري ساڙ کائيندا آهن، ڪين پڄندي آهر ، نقصان پهچائڻ
چاهيندا آهي. ۽ ٻيا چاهيندا آهن، تہ آءُ بہ انهن جهڙو دولتمد
ٿيان ۽ انهن وانگر آرام ۽ سک جي زندگي گذريان. جڏهن انسان
۾ رشڪ جو جذبو جاڳي ٿو، تہ هو پنهنجي صلاحيتن جا هر
حربا ۽ وسيلا استعمال ڪري ڪثرت سان دولت ڪٺي ڪرڻ
جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن هن کي الله تعالي دولت سان
نوازي ٿو، تڏهن بہ ان جو نفس وڌيڪ دولت جي لالچ ڪري
ٿو. اگر دولت وڌڻ جو امڪان نٿو ٿئي تہ ڪيس ڪاوڙ جو جذبو
جاڳي ٿو. ۽ وڌيڪ دولت حاصل ڪرڻ جو حرص ٿئي ٿو ۽
ڪيس دولت سان محبت ٿئي ٿي ۽ ان کي ڪٺي ڪري رکي ٿو.
ڪنجو سي جي جذبي تحت، پنهنجي ضرورتن کي بہ نظر انداز
ڪريو ڇڏي . اگر پنهنجي معيار زندگي جو جذبو اڀريو تہ هو
پنهنجي گهر کي سينگاريندو ، ان ۾ نئين زماني ۾ هلندڙ سامان
ڀريندو ڪار بہ لازمي رکندوان کي ظاهر ڪرڻ لاءِ فضول دعوتن
جو انتظام ڪندو. پنهنجي تعريف ۽ پسندي جي داد ڏيڻ وارن
کي پيار ۽ خوشي جي نظر سان ڏسي ٿو. انهن پنهنجي بهتري ۽
وڏائي ڏيکارڻ لاءِ ، دل مان طرحطرح جو ڳالهيون پنهنج ڏنڏي ،
وسيع تجربي بابت ڪندو رهي ٿو. دعوتن ۾ مدد ، عورتن ،
نرجوان، پوڙها شامل ٿين ٿا. جنهن ۾ ڪل خوشي ظاهر ٿيندي.

سمجھو. الله تعالي جا حڪمن تي ذھني طرح ۽ جسمن جي ھر عضوي سان جيئن حڪم آھي، تيئن عمل ڪريو.

(٢) سچ ڳالھايو، حلال ڪاءو ۽ ڪنھن جو دل نہ ڏکايو.

(٢) پنھنجي جسم و دماغ ۽ضمير ڪي سندن ڪھرج مطابق حلال غذا مھيا ڪريو، جيئن ھو صحيح ۽ چڱو (خير) ڪم ڪري سگھن.

(۴) انصاف ۽ زندگيءَ جي ھر عمل ۾ درميانہ رويہ اختيار ڪري مطمن زندگي گذاريو.

(٥) مال ۽ اولاد دنيا جي حياتيءَ جو سينگار آھي ۽ سدائين رھندڙ چڱايون، تنھنجي پالشھار وٽ ثواب ڪري ڀليون ۽ اميد ڪري چڱيون آھن ١٨۴٦ سوره الڪھف

(٦) (اي پيغمبر) چئو تہ ڪرتوتن جي ڪري بلڪل ٽوٽي وارن جي اوھان ڪي سڌ ڏيون ڇا ؟ جن پنھنجي ڪوشش دنيا جي حياتيءَ ۾ اجائي وڃائي ۽ اھي پنھنجي لاءِ ڀاعيندا آھن تہ اھي (ڀاڻ) چڱو ڪم ڪندا آھن. ١٠۴٠١٨ سوره الڪھف.

(٧) ۽ ڪاءو ۽ پيئو ۽ اجايو نہ وڃايو. ڇو تہ الله تعالي اجائي وڃائيندڙن ڪي دوست نہ رکندو آھي ٨١١٠٧١٢١ پاره رڪوع منھنجي رھبر سائين سيد عبدالحفيظ شاه صاحب مٿئين آيت جي تشريح ھن ريت ڪني آھي تہ سڀ ڪائو ۽ پيئو، پر جيڪا ان مان جسم ۾ توت، طاقت اچي ، ساه ، اجائي نہ وڃايو ۽ ان ڪي الله جي واٽ ۾ صرف ڪيو. توت جي اجائي وڃائيندڙ ڪي دوست نہ رکندوآھي.

(٨) پنھنجي ڪمائي مان ، جيڪي ڪپڙا وٺيو سي تن تي پايو پر پاڻ کان پوءِ تڪبر وڏائي محسوس ڪيو ، تہ پوءِ انھن ڪي ساڙي ڇڏيو. (منھنجي رھبر جو قول آھي) اي ايمان وارو جيڪي پاڪ شيون الله اوھان لاءِحلال ڪيون آھن سي حرام نہ بڻايو ۽ نڪي حد کان لنگھو. بيشڪ الله حد کان لنگھڻن ڪي



خوشي محسوس ڪندو، جو سندس اصلي حق آھي، سندس حال ۽ ڪيفيت جي راغبت اصل مقصد طرف وڌندي ۽ لڳاتار عمل ڪري اصل مقصد ڪي حاصل ڪندو. اگر الله جو فضل و ڪرم شامل آھي، ھاڻي ھيٺ عبادت ۽ معاملات جو ھڪ مثال پيش ڪندس، جنھن ۾ اصل مقصد ظاھر ٿيندو.

## نماز

ڏينھن ۽ رات ۾ دين اسلام پنج وقت، نماز پڙھڻ جو حڪم ڪيو آھي. اھو عبادت جو ھڪ رڪن آھي. بھترين ۽ اصل ، اول عمل صالح ڪرڻ جو اصول آھي. نماز پڙھڻ لاءِ بھترين وقتن جي چونڊ ڪيل آھي. جنھن ۾ مسلمان لاءِ (جسم ۽ روح) بھتري رکي وئي آھي. نمازن ڪي انھن وقتن ۾ پڙھڻ جو حڪم آھي، جڏھن انسان دنيا جي ڌنڌن ۾ مشغلي سبب يا آرام سبب جسم ۽ دماغ ساڪن ٿي وڃي ٿو. يعني بھتر ڪاڪردگي بيھي وڃي ٿي، انھن ڪي متحرڪ ( چورڻ ۽ جاڳائڻ لاءِ ، ڪم ڪرڻ جي قابل بنائڻ لاءِ جسم ذھن ڪي دل طرف متوجہ ڪرڻ لاءِ ، طاقت و سڪون پھچائڻ لاءِ) ڪرڻ لاءِ، مسلمانن لاءِ پنج نمازون مقرر وقتن تي فرض ڪيون ويون آھن، ڪنھن بہ حالت ۾ پڙھڻيون آھن. نماز جو اصل مقصد شروع کان آخر تاءِ جسم ڪي دنيا جي ڌنڌن جي مشغلي کان آزاد ڪري، الله تعالي طرف متوجہ (ڌيان) ڪرڻو آھي. تنھن ڪري دل ڪي حاضر رکڻو آھي الله تعالي جي موجودگي جو احساس رکڻو آھي، جيئن خوف سان ۽ محبت سان نماز صحيح ادا ڪري سگھجي، نماز ۾ الله تعالي جي مقصد و مقرر تعريف، وڏائي جو ذڪر زبان ودل سان ڪرڻو آھي، جنھن ۾ محبت,خوف جو جذبو ظاھر ٿني ٿو. جڏھن الله تعالي جي اڳيان مسلمان رڪوع ۽

سجدو ڪري ٿو ته پنهنجي وڏائي مان اهو جذبو ڌهيو وڃي ٿو، عاجزي ۽ انڪساري جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. نماز ۾ جسم جي ورزش به ٿئي ٿي. حضور صہ جن نماز بابت فرمايو آهي، ته ' نماز منهنجي اکين جي ٺڌاڻ آهي ' جڏهن مسلمان نماز پڙهي فارغ ٿيندو ته جسم ۽ ذهنن کي تازو ۽ فرحت محسوس ڪندو . ڪيس دلي سڪون ۽ مسرت به محسوس ٿيندي. انهي طريقي سان دين اسلام ذهن ۽ جسم ( نفس ) سان گڏو گڏو روح جي مشغوليت جو به هر عبادت ۾ خيال رکيو ويو آهي. اهڙي طرح بين عبادتن جي رڪنن ۾ به معلوم ڪرڻ سان؛ معلوم ٿيندو ته ڪهڙي طرح جسم و ذهن (نفس) جي مشغليت روح به طاقتور ٿئي ٿو. الله تعالي فرمائي ٿو ته :- ' بيشڪ نماز بي حيائي ۽ مدي ڪم ڪرڻ ڪان جهليندي آهي، ۽ بيشڪ الله جو ياد ڪرڻ سڀ ڪان وڏو آهي ' ۾ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻيندو آهي.

سورت المنڪبوت ۴۵\۲۱

## ڪسب و تجارت

پنهنجون ضروري خواهشون پوري ڪرڻ لاءِ ، جو جسم و ذهن لاءِ ضروري آهن. دين اسلام ۾ انسانن لاءِ ڪسب (محنت) و تجارت، صنعتن، واپار، زراعت، نوڪري لاءِ شرعي اصول به موجود آهن ۽ انهن جي آدابن کي مد نظر رکڻ سان پورو پورو فائدو وٺي سگهي ٿو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن تجارت جي ترغيب ڏيندي فرمايو ته ' روزي جي ڏهن حصن مان نو حصا الله تعالي تجارت ۾ رکي ڇڏيا آهن ۽ جو شخص سوال جا دروازا کولي ٿو، هن تي الله تعالي افلاس جا ستر دروازه کولي ڇڏي ٿو، ' تجارت ، واپار جا اسلام ۾ تفصيل سان پڙهڻ ضروري آهن جو انهن تي ان مطابق عمل ڪري سگهجي، جنهن



دوست نہ رکندو آهي ۵۱۸۷ ابو هريره رضي الله تعالي عنہ کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله تعالي عليہ وسلم جن فرمايو الله جو قسم اهو مومن ناهي، الله جو قسم اهو مومن ناهي، عرض ڪيم ڪير يا رسول الله، فرمايائون ته اهو شخص جنهن جو پاڙيسري ان جي آفتن ڪان محفوظ نہ هجي يعني جو پنهنجي پاڙيسرين کي تڪليف ڏي ٿو.

عمر بن سعيد بنہ العاص رضي الله تعلي عنہ کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله تعالي عليہ وسلم جن فرمايو والد جو پنهنجي اولاد لاءِ هن ڪان وڏيڪ ڪوئي عطيہ ناهي ته انهن کي سٺو ادب سيکاري. انس رضي الله تعالي عنہ کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله تعالي عليہ وسلم جن فرمايو تمام مخلوق الله تعالي جي عيال آهي. ۽ الله تعالي جي نزديڪ سڀ ۾ پيارو اهو آهي جو عيال سان احسان ڪري. الله تعالي فرمايو آهي ته نيڪي ۽ پرهيز ڪاري تي پاڻ ۾ هڪبني جي مدد ڪريو ۽ گناه. ظلم تي مدد نہ ڪريو.

اسلام ماديات ، جسم (نفس) ۽ روح جي گهرج مطابق اصول وضع ڪري ٻڌايا آهن. انهن تي عمل شرط آهي .دين اسلام زندگي گذارڻ لاءِ هڪ درميان ۽ متوازن اصول عمل ڪرڻ لاءِ ٻڌايا آهن. جنهن ۾ ماديت ، جسم ونفس ۽ روح کي سندن گهرج مطاپق اهي اصول مهيا ڪري ٿو، جنهن تي انسان عمل ڪري انهن جي تقاضا پوري ڪري سگهي ٿو. دين اسلام جيا صولن تي صحيح ڪم ڪرڻ سان عبادت جي هر رڪن ۽ معاملات ۾ اهي خوبيون ۽ خاصيتون جسم ذهن ۽ روح انساني تي اثر انداز ٿي طاقتور بڻجڻ جو سبب ٿينديون.

دين اسلام تي عمل ايمان آڻڻ کان پوءِ، عمل صالح ڪرڻ لازمي آهن ، انهي ڪان سواءِ ايمان جي تڪميل نہ ٿئي ۽ دين اسلام جو اصل مقصد پورو نٿو ٿئي . الله جا حڪم جيڪي

قران شريف ۾ بيان ٿيل آهن. تن کي عمل صالح، شب ڪرم ، نيڪ ڪم چون ٿا، تن کي هيٺ بيان ڪجي ٿو.

(١) حقوق الله. توحيد، نماز، روزه، زڪوات، حج، قران شريف پڙهڻ، درود شريف پڙهڻ، ذڪر الله يعني اسماءِ حسنه جو ذڪر زور ۽ آهستي ڪرڻ.

(٢) حقوق العباد :- الله تعالي جي مخلوق جا حق.

(٣) ڪسب وتجارت. (۴) نڪاح. (۵) کائڻ، پيئڻ ، پهرڻ

(٦) حلال، حرام، جا آداب. (٧) سفر جا آداب. (٨) امر با بالمعرف نهي عن المنڪر. معاملات جو انسان جي حرڪات، سڪنات ۽ معيشيت تي انداز ٿين ٿا.

اهي به الله جي حڪم مطابق صحيح عمل ڪرڻ سان عبادت ۾ شامل ٿين ٿا. جنهن ۾ انسان جو نفس (جسم و ذهن) مشغل هجي ٿو، جنهن جو اثر روح تي سنئو پوي ٿو ۽ طاقتور ٿئي ٿو. انهن اصولن تي قران شريف ۽ حديث جي مطابق عمل ڪرڻ سان نفس ۽ روح جا سٺا اخلاق ظاهر ٿين ٿا ۽ حديث تي عمل ڪرڻ سان نفس جا بداخلاق جو جسم و روح تي دٻاءُ يا اثر گهٽيو وڃي ٿو.

عبادت ۽ معاملات جي اصولن تي صحيح نموني مطابق قران شريف ۽ حديث تي عمل ڪرڻ سان نفس جا بداخلاق دٻجندا ويندا. انهن جي جوش ۽ عمل دٻاءُ بندي تي گهٽ ٿيندو ويندو ۽ نفس جا سٺا اخلاق ظاهر ٿيندا ويندا. نفس خود صحيح عبادتون ۽ معاملات ڪرڻ کان سواءِ هن جا بداخلاق جو دٻاءُ گهٽ نه ٿيندو. بداخلاقن جي دٻائڻ کان سواءِ نفس، جا سٺا اخلاق ظاهر ٿيڻ کان پوءِ، روح جي طرف راغب ٿيندو، روح جي سٺن اخلاق ، جيڪي تمام سٺا آهن، سي ظاهر ٿيندا، تنهن کان پوءِ انسان کي اصل مقصد حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي. جيئن سندن خالق چاهي ٿو. پاڻ انسان اطمينان ۽



۾ جسم و دماغ مشغول رهي ٿو، پر ان ۾ روح جي غذا ۽ طاقت ڏيڻ جو به خيال رکيو ويو آهي. آءُ هتي چند اصولن جي وضاحت ڪندس.

(١) واپار ۾ جيترو ٿي سگهي وڪري ۾ نفعو گهٽ رکجي نفعي گهٽ رکڻ ڪري، گراهڪ جام ايندا ۽ وڪري ۾ اضافو ٿيندو. نفعو به گهڻو ٿيندو، انسان ۾ قناعت جي عادت پوندي ۽ حرص لالچ کان بچي پوندو. (٢) گراهڪ کي هڪ اکهه ٻڌائڻ گهرجي ۽ شي جي اجائي تعريف نه ڪرڻ گهرجيس. وڪري وقت شي جي پوري حقيقت ٻڌائڻ گهرجي . اهڙي طرح واپاري ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچي پوندو. هن زماني ۾ گراهڪ کي تعجب ضرور لڳندو ۽ پهرين اعتبار ڪرڻ ڪندو، پر ٻين کان پڇڻ کان پوءِ حقيقت جو پتو پوندس، واپاري تي يقين پختو ٿيندس ۽ ٻين ماڻهن جي اڳيان به تعريف ڪندو. نتيجو اهو نڪرندو ته گراهڪ جام اچڻ لڳندا ۽ وڪرو رڌيڪ ٿيندو. (٣) گراهڪ سان مٺو ۽ نرم لهجي سان ڳالهائڻ گهرجي. ڪڏهن به گراهڪ تي نه ڪاوڙجي ۽ نه ڪهرو ڳالهنجي ان سان عاجزي ۽ انڪساري جي عادت پوندي.

(۴) تجارت ، صنعتڪاري ، زراعت ونوڪري وغيره انهي دلي نيت ارادي سان ڪري ته ان جي ڪمائي مان زندگيءَ جون ضروري حاجترون پوريون ڪيون ويندون. جن سان جسم ، دماغ کي طاقت و قوت پهچائڻ جو دارو مدار هجي مطلب ته پاڻ لاءِ پنهنجي ٻارن ۽ ٻچن لاءِ گذران ٿئي ۽ هو ڪنهن مخلوق جا محتاج نه ٿين.

اهو عمل به الله واسطي آهي ۽ جو هڪ شخص صبح سوير پنهنجي ڪاروبار لاءِ وڃي ٿو ته حبيب الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته " اگر ڪوئي شخص پنهنجي والدين ۽ پنهنجي ٻچن جي ڪفالت جي غرض سان ائين ڪري ٿو ته اهو به الله

جي راهه ۾ جدوجهد جو ۽ هڪ حصو آهي، ها اگر ان جو مقصد محض لاف زني، تفاخر ۽ تونگري آهي ته پوءِ ان جي پڄ ڊروڳ شيطان جي راهه ۾ آهي. '

حضور صہ جن فرمايو آهي ته جو شخص رزق حلال طلب ڪندو هجي ۽ هن جو مقصد مخلوق کان بي نيازي ۽ پنهنجي پاڙي وارن عزيزن جي ڪفالت و خدمت هجي ته قيامت جي ڏينهن هن جو چهرو چوڏهن جي چنڊ جي طرح منور ۽ روشن هوندو. جيڪڏهن هو صاحب نصاب ٿئي ٿو ۽ نفعو ٿئي ٿو. نفعو ۽ اصل مروڙي ملائي پوءِ زڪوات ڏيڻ گهرجيس. اسلام ۾ زڪوات ڏيڻ جو حڪم آهي انهي ۾ وڏو فائدو رکيل آهي. هڪ ته حقدار کي زڪوات ڏي ٿو ته ان جو ڪيس ثواب ملندو. ان جي سواءِ هو ڪنجوسي جي بداخلاق کان بچي ويندو. الله تعالي جي عطا ڪيل نعمت جو صحيح استعمال ڪري، الله تعالي جي نظر ۾ شڪر وارو بندو ٿيندو.

جن مسلمانن وٽ دولت جي ڪثرت ۽ زمين جي گهڻائي آهي ۽ اهي صاحب ايمان به آهن ۽ اسلامي اصولن تي اعتماد به رکن ٿا، اهي دولت ۽ زمين جي انهن اسلامي اصولن وقانونن مطابق استعمال به ڪن ٿا. مطلب ته جيتري قدر شريعت تي عمل ڪري رهيا آهن، اوتري قدر سند بداخلاقن ۾ ڪمي ٿي رهي آهي ۽ سٺا اخلاق ، سندن ڪارڪردگي جي عملدر آمد مان ظاهر ٿي رهيا آهن اهي هن دنيا ۾ آرام ۽ سڪون جي زندگي گذاري رهيا آهن ۽ آخرت لاءِ ثواب ڪٺا ڪري رهيا آهن . هن مان ثابت آهي ته دين اسلام جي اصولن ۾ اڄ به اهائي سچائي و صداقت ۽ اصليت قائم آهي، جيڪا نازل ٿيڻ وقت هئي . تنهن ڪري هن دور ۾ به دين اسلام جا پابند مومن، مسلمان ، عمل ڪندڙ ڪافي انداز ۾ موجود آهن. جن جي شريعت لاءِ محبت ۽ رغبت، سندن قول وفڪر ۽ فعل و عمل مان عيان



وناپت ٿئي ٿو. انهي سبب ڪري انهن جي عملن ۾ خوش اعتقادي ، سٺا ۽ بهتر اخلاق نيڪ افعال ۽ گناهه کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ الله جل جلاله ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي اطاعت ۾ لڳا پيا آهن. انهي کان علاوه حقوق العباد به ادا ڪري رهيا آهن.

انهن اسلامي اصولن جي باعمل انسانن کي ڳولهڻ ۾ انهن جي صحبت ۾ رهڻ ڏسڻ ۽ سمجهڻ . اهو ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيڪا خلوص دل ۽ ذهن چاهيندڙن انسان انهي عمل مومن کي ڳلي لهندو ۽ ان کي انشاءَ الله ملندو.

نورالدين ڊرڪي نو مسلم جو دين اسلام جي اصولن تي خود به عمل ڪندڙ آهي ۽ ٻين کي عمل ڪري ڏيکارڻ لاءِ هڪ تبليغي مرڪز کولي، ڪوشش ڪري رهيو آهي ان جي باري ۾ هيٺ ڏيني رهيو آهيان جو هڪ ڪتاب 'هم ڪيون مسلمان هوئي' تا ورتل آهي.

## نور الدين ڊرڪي ( اسٽيفن ڊرڪي )

هي صاحب دين اسلام جي داخل ٿيڻ کان پوءِ مطمئن زندگي گذاري رهيو آهي. خود پاڻ ته سچائيءَ جو رستو ڳولي لڌو اٿس، پر ان سچائي کي پنهنجي ملڪ ( آمريڪا ) ۾ عام ڪرڻ لاءِ دين اسلام جي اصولن جي مطابق عمل ڪرڻ لاءِ هڪ اسڪيم تيار ڪئي آهي ڇو جو مسلمان ٿيڻ کان پوءِ هن جي اڳيان ٻه رستا هئا. هڪ ته آمريڪي کي ڇڏي ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ مستقل طور رهڻ جو بندوبست ڪري، انهيءَ لاءِ ته اسلامي زندگي جي تقاضن کي عملي طرح پورو ڪري سگهي يا ٻيو ته آمريڪا ۾ رهي، اسلامي اصولن مطابق عملي مثال بنجي، اسلامي تعليم کي نهلائڻ جو ڪم ڪري. هن ٻيو رستو اختيار

ڪيو آهي. آمريڪا ملڪ جي نيو ميڪسيڪو ۾ ١٩٨٠ ۾ بورڊ آف دارالسلام فائونڊيشن لاءِ هڪ هزار ايڪڙ زمين خريد ڪري اشاعت اسلام جي لاءِ بنياد وڌو آهي. جنهن ۾ هي هن پر آشوب ماحول ۾ دارالسلام جي نالي سان امن ۽ شانتي روحاني واخلاقي پاڪيزگي، خلوص و محبت ۽ انسانيت جي اعلي اقدار جي پر سڪون جزيره تعمير ڪرڻ چاهي ٿو. انهي طرح هي ثابت ڪرڻ چاهي ٿو تہ انسان اگر اڄ بہ الله جي هدايل رستي تي هلي ( عمل ڪري ) تہ ان کي اطمينان قلب جي اها دولت نصيب ٿي سگهي ٿي. جنهن جي ماده پرست دنيا ۾ ڪنهن بلند کان بلند مقام تائين پهچڻ جي باوجود هٿ اچڻ قطعي نا منڪن آهي.

دارالسلام جي هن منصوبي ۾ مسجد، مدرسہ جي علاوه هڪ شفاخانہ ، دستڪارين جي ترتيب جو هڪ مرڪز ، مسلمان سائنسدانن جي لاءِ هڪ ريسرچ سينٽر ۽ سو خاندان لاءِ گهر شامل آهن. ڪوشش اها آهي. تہ هر شعبہ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ وارا با عمل مسلمان اتي آباد ٿين. هڪ طرف ماحول صحيح معني ۾ اسلامي هجي ۽ ٻي طرف بستيءَ جون تمام ضرورتون مقامي طور تي پوريون ٿي سگهن. ان منتخب ماڻهن ۾ استاد، ڊاڪٽر ، وڪيل ، ڪارپينٽر ۽ مختلف ماهرين بہ شامل آهن. اسڪيم جي ابتدائي مرحلي جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ غير مسلمان لاءِ سيمينار ۽ تعارفي پروگرام جو هڪ مستقل سلسلہ شروع ڪيو ويندو جو اهي دارالسلام اچي هڪ ئي وقت نظري ۽ عملي طور تي اسلام جي واقفيت ۽ ڄاڻ حال ڪري سگهن.

محض (صرف) نظرياتي دعوت بلڪل ناڪافي آهي. ڪوئي علائقو زمين اهڙو هئڻ گهرجي . جتي ماڻهو کي اسلام هلندو فرندو نظر اچي چو تہ ماڻهو ڏسڻ ٿا تہ اسلام ڇا آهي. ۽ عملي طرح ان جي شڪل ڪهڙي هجي ٿي هو هن بستي ۾ اچي



پنهنجي اکين سان اسلام ۽ ان جون برڪتون ۽ اخوت ۽ رحمت جي هن بي مثال نظام جي خوبين کي مجسم ۽ متحرڪ ڏسي سگهن .

## دين اسلام جي مزيد سچائيءَ جي ثابتي.

جيڪي ڪجهہ ڌرم بابت مون کي ڄاڻ ٿي آهي ۽ سمجهي سگهيو آهيان. سو لکيو اٿم.. انهي جي علاوه ٻيا ڪتاب بہ پڙهيم جنهن ۾ انهن ماڻهن جي دلي رغبت ۽ محبت سبب دين اسلام ايمان آندو . الله جي حڪمن جي پيروي ڪري خوشحال زندگي بسر ڪني . انهن مان هڪ ڪتاب " همڪيون مسلمان هوئي " پڙهيم ، جنهن ۾ ٦٦ تعليم يافتہ مخلف مذهبن ۽ مختلف ملڪن سان تعلق رکندڙ آهن. نہ صرف تعليم يافتہ، بالغ پر مختلف شعبن جا ماهر تعليم هنا، جن ڪيترائي سال عيسائين ، ٻڌ ڌرم هندو ( سناتن ڌرم ) کي چڱي طرح پڙهيائون، سمجهيائون ۽ عمل بہ ڪيائون، پر انهن جي روحاني طلب ۽ سماجي ۽ معشرتي گهرجون، مٿيان بيان ڪيل مذهب پوريون ڪري نہ سگهيا. تنهن کان پوءِ انهن دين اسلام جي اصولن تي جيئن آهي تيئن عمل ڪندڙ هنا. انهن کي بہ چڱيءَ طرح جانچ پڙتال ڪيائون، جيڪي دين اسلام جي اصولن تي جنين آهي تينن عمل ڪندڙ هنا. انهن کي دين اسلام جي سچائي ۽ اصليت جي خبر پيئي سندن مٿان الله تعالي جو بہ ڪرم ٿيو. دل وجان ۽ خوشي سان جن جو عقل ۽ طبيعت بہ قبول ڪيو، تن دين اسلام تي ايمان آندو. الله جي هيڪڙائي تي، رسول الله صلي الله عليہ وسلم تي آخرت تي ۽ الله جي حڪمن اصولن تي جيتري قدر عمل ڪيائون، اوتري قدر سندن دلين کي تسڪين ۽ خوشي ميسر ٿي. مون ان ڪتاب مان

CamScanner

راجکماري، جو ڌرم (هندو سان تعلق رکنيدڙ جنهن اسلام جي اصول تي ايمان آندو هو ، ان جي تقدير جو ترجمو ڪيو اٿم. بيوڪتاب " آرياڻي اجاريو " لکيل مسٽر آڏيار مدرس ، هي هندو ڌرم سان تعلق رکي ٿو، جنهن دين اسلام جي اصولن کي گهرو مطالع ڪيو. ايتري قدر جو ، هن جو رسول الله صلي الله عليہ وسلم سان عشق ٿي ويو آهي. جو محبت کان مٿي مقام آهي جنهن ڪتاب جو ڪاني حصو رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي زندگي بابت لکيو آهي. هن دين اسلام جي اصولن کي سچ تسليم ڪيو اٿس.

هن ويدن جوبہ حوالو ڏنو آهي.جنهن ۾ حضرت محمد صلي الله علي وسلم جون صفتون نشانيون ٻڌيون وين آهن. ۽ اچڻ جي باري ۾ بہ لکيو آهي. حالانڪ هن دين اسلام قبول نہ ڪيوآهي پر اسلام جي سچائي جي تعريف ڪني اٿس.

آءُ هڪ ماٺهو ڪونہ آهيان. پر ٻين بہ ويدن کي پڙهيو آهي ۽ ان بابت لکيو اٿن . هڪ مقالو پنڊت ديود دي ايڊو وڪيٽ جو منهنجي نظر مان گذريو آهي. سو هيٺ ڏجي ٿو.

## ڇا ويد ڪلام ا لاهي آهي.

پنڊت ديودت ايڊو وڪيٽ فرمايو تہ ڪجھ عرصو ٿيو آهي تہ مون هڪ ڪتاب " سماج سڌار ۽ ويد ڌرم ڪا ادراس " جي عنوان سان شايع ڪيو هو. انهي ۾ مون موجود هندو سوسائٽي جي متعلق قديه بدرسمن جي انسداد لاءِ هتي ا لامڪان ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت ظاهر ڪني هني ۽ منهنجي اڄ تائين اها راءِ هني تہ ويدن ۾ ايشور گيان ( مهرفت الهي ) آهي ۽ اهي قابل عمل تعليم جو خزانو آهن، ليڪن پنهنجي هڪ دوست جي زور آڻڻ تي جڏهن ويدن کي زياده مطالع ڪيم تہ هن



نتيجي تي پهتو آهيان تہ ويدن کي ايشور گيان ( خدائي ڪلام ) ناهن ۽ هن دنيا جي ڪابہ اهڙي بدرسم ناهي جنهن جو بنياد ويد نہ هجن.

آءُ هن مضمونن ۾ هي ثابت ڪندس تہ هندو مذهب ۽ هندو تهذيب اسين ويدن جي پناه وٺي ڪنهن بہ طرح سان ترقي ڪري نٿاسگهون.

(١) هن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ آريہ سماج جي باني سوامي ديانندويدن جي تفسير ۾ ڪيترين ني تبديلين ڪري هندو سوسائٽي جي جا خدمت ڪني آهي اها نهايت ني تعريف جي لائق آهي ۽ هن اسان کي هن لائق بنايو اهي تہ اسان دنيا ۾ پنهنجو منهن مٿي ڪٺي سگهون ۽ اسين لهي بہ ڏسون پيا تہ ٻين مذهبن جي حامين سوامي صاحب جي هنن ڪوشش کي قبول ڪيو آهي. انهيءَ جو سبب نقط هي آهي تہ سوامي صاحب جو تفسير غلط ۽ اڻ پوري معلوم ٿني ٿو. تنهن ڪري اسين هي اميد بہ نٿا ڪري سگهون تہ آريہ سماج جي ذريعي اسان هندو ڌرم جي هميشھ لاءِ حفاظت ڪري سگهنداسين.

هن علم ۽ عقل جي زماني ۾ اسين انهي ويدڪ تعليم کي ڪنهن بہ صورت ۾ سڌريل دنيا جي اڳيان پيش ڪري نٿا سگهون. اسين جو ٻين مذهبن تي نڪتہ چيني ڪندا آهيون تنهن ڪري فرض آهي تہ پهريائين پنهنجن عيبن جاچڻ جي ڪوشش ڪريون.

## (راجڪماري جاويد بانو) هندوستان .

هي بنگال جي هڪ هندو راجا جي صاحبزادي هني اعلي تعليم حاصل ڪني هنائين . هن مڪمل تحقيق کان پوءِ اسلام

قبول ڪيو. هي هندو والدين جي گهر پيدا ٿي، مگر هن جي پرورش عيسائي ماحول ۾ ٿي. هندو مذهب جي مطلق ڪوئي واقفيت نه هني . هيئين تقدير پاڻ ڪلڪته ۾ قبول اسلام کان پوءِ ڪمي هني. ' مون ١٩٢٤ ۾ مذهب ۽ فلسفه جو وسيع طرح مطالع ڪيو مون ان جو مطالع علم فاضل بنجڻ لاءِ نه ڪندي هنس بلڪ تحقيق حق منهنجي تمنا هني. منهنجي دل ۾ الله تعالي جي هڪ مخلص ۽ صادق بندي جي طرح عبادت ڪرڻ جي تڙپ پيدا ٿي هني. مون کي هڏ مذهب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪني پر ناڪميابي ٿي. عيسائيت جي طرف جو سمجهڻ ۾ نهايت سڌي ۽ سادي معلوم ٿي، رجوع ڪيم، انهي سلسلي ۾ مون عيسائي پادري سان تعلق پيدا ڪيو، تب مون کي ڪوئي اهڙو رستو نه مليو جنهن جي ذريعي دور حاضر ۾ عيسائيت جي هڪ خلوص ۽ صادق تا بعدار (متع) ٿي سگهان. جيترٺيڪ وڏا وڏا دلائل تاويلاتون پيش ڪيا ويندا هنا. عيسني ڪرجن جي لاتعداد فرق بندين ذاتي غرض ۽ شخصي مطلب پرستي جي سواءِ ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو ۽ بلڪل نا اميد ٿي، ورِي هندو مذهب اختيار ڪيو. ويدن جو فلسفو هڪ اهڙي دماغ لاءِ جو مذهب جي ڪمزورين کان واقف ۽ بيزار ٿي چڪو هو، هڪ ڪاني ۽ شافي ساهارو هو. پر ويدن جي فلاساني هندن لاءِڪهڙي طرح مفيد ٿي سگهي ٿي جو ته جيتري قدر عملي زندگي ۽ حقيقتن جو تعلق آهي. منو جي مهراج جي زماني کان وٺي اڄ تائين ويدانت کان ايترو ئي پري آهي جيتور فرضي مخلوق کان جنهن جو چند ۾ هئڻ عام طور خيال ڪيو يو وجي ٿو. ويدن جي پيروي لاءِ هڪ هندو تي لازم آهي ته يا ته هو موجوده هندو مذهب کان ڪنارڪش ٿي وڃي يا تمدني مصلح ٿي بي شمار فرقن ۾ هڪ ٻيو فرقي جو اضافو ڪري جنهن جي اندر زمان حال ۾ هندستان ٻڏي رهيو آهي. هندن جي حالت



قابل رحم آهي. وڏيون خاميون ۽ نقص روز بروز ظاهر ٿيندا رهن ٿا. انهن تي ٻيا مذهب تبصرو ڪرڻ ٿا ڪن بلڪ هندو خود تبصرو ڪندا رهن ٿا. گانڌي مهراج هر يجن لاءِ پنهنجي زندگي خطرناڪ خطرن ۾ ڇو ٿا وجهن؟

مجلس قانونن جي ذريعي بيواهن جي شادي کي جائز ڇو قرار ڏنو ويو. سلطنت برطانيه جي هڪ قانون جي تحت رسم ستي کي ڇو روڪيو؟ تمام نموني اصلاحتون قانونن جي مجلسن جي ذريعي عمل ۾ آندو وڃي ٿو. هن مذهب جو فائدو وٺي ڇا جو دماغي نشو نما ۽ تمدني اصلاحتن کي ٻين تمام براين کان محفوظ رکڻ کان عاجز آهي.

مٿين حقيقت کان توهان بخوبي اندازو ڪري سگهو ٿا ته مون کي سچي مذهب اسلام جي قبول ڪرڻ ۾ ڪيتري تڪليف ٿي هوندي اسلام جي علاوه ٻيو ڪوئي مذهب دنيا ۾ اهڙو نه آهي جنهن جي عقيدن کي ان جا پيروڪار ايمانداري ۽ ديانتداري سان صحيح تسليم ڪندا هجن. آخر ۾ مون سچائي (صداقت)کي حاصل ڪيو. مان ڏاڍي خوش آهيان ۽ منهنجي روح مطمئن آهي. ڇا اسان هر ڪنهن اهڙي مذهب يا تمدني اصلاح جا محتاج آهيون، جنهن جي تائيد قران پاڪ سان نٿي ٿي سگهي. ڇا اسان جا آقا نامدار محمد مصطفا صلي الله عليه وسلم تمام روحاني رهنمائن ۾ هڪ اهڙي شخصيت ناهي جن آزادي، اخوت، مساوات، اهڙا زرين احوال ٻڌايا آهن جن جي ذريعي اسان صراط مستقيم تي هلي ، نجات حاصل ڪريون صرف اسلام هڪ اهڙو مذهب آهي جو روز مره جي زندگيءَ ۾ اسان جو سچو رهنما ٿي سگهي ٿو. ڇا دنيا ۾ الله جو نالو عالمي زبان تي هجي. الله جو لفظ تمام مسلمانن لاءِ خواه هو چيني هجي يا هندي هڪ ئي آهي. السلام عليڪم تمام مسلمانن جي ڀائي ڀائي هئڻ جو سبق ڏي ٿو، خواه هو ڪنهن قوميت ۽ ڪنهن ملڪ

رک. هن دين جي قبول ڪرڻ ڪان پوءِ منهنجي هر فعل (ڪم) تنهنجي رضامندي جي لاءِ هجي شر شيطان ڪان، شيطان جي فساد ڪان، پناه ۾ رک. هن دين (دين اسلام) تي قائم رهڻ لاءِ مدد ڪر. منهنجي انجام بخير ڪر. آءٌ تنهنجو گنهگار بندو آهيان. جنهن کي تو پنهنجي مهرباني ۽ شفقت سان ڪفر جي ظلمتن (اونداهين) ڪان ڪڍي، دين اسلام جي روشني عطا فرمائي آهي آءٌ هن تي جيترو به شڪر ڪريان گهٽ آهي. آءٌ دعا ڪريان ٿو ته الله جل جلاله مون تي ۽ منهنجي انهن سائين تي جنهن مون کي راه نجات جي طرف راغب ڪرڻ ۽ سڌڻ ۾ مدد ڪني آهي. الله تعالي انهن سڀني کي بخش ڪري ۽ اجر عظيم سان نوازي .....آمين.